# پسي ڳاڙها گل



رسول بخش پليجو

# پسي ڳاڙها گل

(ڪهاڻين جو مجموعو)

رسول بخش پليجو

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد سنڌ
جنوري ١٩٨٥ع

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | پسي ڳاڙها گل |
| | (ڪهاڻين جو مجموعو) |
| ڇپائيندڙ: | بلاول لطيف |
| ڇپيندڙ: | سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد - سنڌ |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | جنوري ۱۹۸۵ع |
| تعداد: | ۲ هزار |

قيمت: 15-00
پندرهن رپيا

PASI GARHA GUL (A Collection of short stories)
By RASOOL BUX PALIJO
Printed at Sardar Printing Press, Hyd.
Published by Sindhi Adabi Publishing Agency,
Gadi Khato, Hyderabad-Sindh.

ڏالي

محروم ۽ مظلوم سجاڳ سنڌياڻين جي،
جيڪي سهڻي لطيف جي سورمين جي نقش قدم تي هلندي،
پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ،
همت ۽ سورهيائيءَ سان جاکوڙ پيئون ڪن.

— رسول بخش پليجو

# فهرست


| | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ۰۱ | مختصر تعارف | ۱-۸ |
| ۰۲ | جتي باهہ ٻري | ۹-۳۸ |
| ۰۳ | پسي ڳاڙها گل | ۳۹-۷۵ |
| ۰۴ | سچ جو ڏينهن | ۷۶-۸۹ |
| ۰۵ | اج آڪڙيا آئيا | ۹۰-۱۰۸ |
| ۰۶ | وڍيو هئين تہ ويهہ | ۱۰۹-۱۱۵ |
| ۰۷ | بختاور | ۱۱۶-۱۵۲ |


(برسات ۾ چڇپيل)
آگسٽ ۱۹۸۴ع

# مختصر تعارف

رڳو گذريل پنجن سالن جي عرصي ۾ لکيل سنڌي ادب جو ڏي جائزو وٺبو ته به معلوم ٿيندو ته اسان ادب ۾ صحتمند ۽ صالح قدرن جو اضافو ڪندا رهيا آهيون. سنڌي اديب سنڌ ۾ لکندو رهيو هجي يا دنيا جي ڪنهن به ٻئي حصي ۾، هو هر حالت ۾ جديد ترين معلومات جي تلاش ۾ رهي ٿو، پڙهي ٿو، خيال ۽ حوصلي سان لکي ٿو، پاڻ کي ذميوار ۽ فرض شناس سمجهي لکي ٿو، بهترين تحريرون پڙهي ٿو، ڪوشش ڪري ٿو ته هو هڪ اديب جي زندگي گذاري ۽ انساني سماج ۾ جيڪو ڪم ڪيس ڪرڻ گهرجي سو ڪندو هلي. مخالف به انهيءَ ڳالهه جي اقرار ڪرڻ کان رهي نه سگهندا ته سنڌ جي اديبن جي اڪثريت فڪري طرز عمل رکي ٿي. سنڌ جا اديب نظرياتي وفاداريءَ جو ثبوت ڏين ٿا ۽ هر اهڙي سوال تي جيڪو ڪائنا نظرياتي سنگت ۽ ساٿ جي تقاضا ڪري ٿو، هو پاڻ ۾ ملي اهڙي سنگت ۽ اهڙو ساٿ ٺاهين ٿا ۽ هڪٻئي سان سهمت رهڻ ۽ سهڪاري رهڻ جو عهدنامو ورجائين ٿا. اهڙا ڏي دوست اسان کي سنڌي ادبي سنگت ۾ ملن ٿا ۽ ٻيءَ هر ادبيءَ سنگت ۾ به ملن ٿا جيڪا سڌريل ذهن جا نوجوان هلائين ٿا يا تجربيڪار اهڙا بزرگ هلائين ٿا جن جو ادبي تجربو اڌ صديءَ جي ادبي تجربي جيترو آهي.

اهڙي ڏي پس منظر ۾ رسول بخش پليجو به لکندو رهيو آهي. اسان گذريل ٿورڙي عرصي ۾ عصري تحريڪن، هرعصر قدرن، تاريخ جي ڪردار، نظرين جي متحرڪ قوت، ۽ جدا جدا

پاڻ پاڻيجو جيڪو جڳ ملوڪ سنڌي ۽ سنڌ دوست آهي ان جي اکين جو الميو اڄ وڏيڪ اهم بڻجي ويو آهي.

جيئن اسان عرض ڪيو پليجو ڪاٺ ۾ آهي. هو هڪ خطرناڪ اهڙيءَ بيماريءَ جي ور چڙهي ويو آهي جنهن ان جي عجب جهڙين اکين تي برو اثر ڪيو آهي ۽ پليجي جهڙو شير مڙس بينائيءَ کان محروم ٿي رهيو آهي. خطرو اهو آهي ته دنيا جو هڪ انقلابي انسان، خلوص ۽ بهادريءَ ۽ انقلابي قوت جو هڪڙو پيڪر، جڳ جهان جي اکين جهڙين اکين کان ويهي ويندو. چا، اهڙيءَ حالت ۾ مظلوم دنيا اِهو ”تماشو“ اکين سان ڏسي سگهنديا! ’حيف هجئي ڙي آسمان، توکي حيف هجي!‘

پليجو هڪ دنيا جي لاءِ ”سهڻو مائهو“ آهي پر هو اڪيلو نه آهي. سياڻي جڏهن ويندا لڙڪ لهي ۽ ٽيندڙيون اکيون اکين جهڙيون، تڏهن پليجي جون اکيون به ائين ڳائيندون جيئن حضرت شمعون * جڙن ڳايون ويون آهن. اسان چئون ٿا ته پراميٿس ** کي آزاد ڪيو. هُن پهريون دفعو نه سهي پر هزارن سالن کان پوءِ به وري هڪ دفعو سنڌ کي ۽ ساز ۽ سوز سان آباد هن ڌرتيءَ کي ملوڪان جي اکين جهڙيون اکيون ڏنيون آهن. توهان به ڏسو پر پليجي کي به ڏسڻ ڏيو. "Prometheus chained" ”پراميٿس ڪاٺ ۾ ۽ پراميٿس آزاد“، and Prometheus unbound" پنهي جي وچ ۾ ڪو وڏو عرصو ڪونه لڳندو آهي پر تاريخ جو اهو دور ناعاقبت انديش انسانن جي لاءِ عبرت جو سبب بڻجندو آهي. سياڻا ماڻهو پنهنجن محسنن تي مهربان هوندا آهن ۽ اياڻا انسان رڳو پنهنجي هٿ جي ترِيءَ کي به ڏسي نه سگهندا آهن.

---

* مشهور فلم ”سئمسن ۽ ڊلائلا“ ۾ سئمسن جي اکين ڪڍڻ واري واقعي ڏانهن اشارو آهي.

** يوناني ڪٿائي هيرو (Prometheus) جنهن انسان کي باهه کان واقف ڪيو هو.

هنن ڪهاڻين ۾ پليجو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪش مزدور ۽ هاريءَ جي سماجي حالتن ۾ انهيءَ جوهر جو متلاشي رهيو آهي جيڪو سنڌ ۾ تمام وڏي درجي ۽ معيار سان موجود ته آهي پر سنڌ جي اديب کي به گهڻي ڀاڱي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو آهي. مصنف ڇاڪاڻ ته پنهنجي سياسي نظريي جو مبلغ به آهي جيئن هر نظرياتي اديب کي هئڻ گهرجي به، هو اهڙي سماج مان پنهنجي سماجيات جا اصول ٺاهي ٿو، سمجهائي ٿو ۽ پکيڙڻ گهري ٿو. پر هر ڪهاڻيءَ جي حالت ۾ هو سنڌ جي ذهن، ريت، حوصلي، همت ۽ برداشت جو راوي آهي ۽ اها ئي آها روايت آهي جنهن کي "جيئڻ جي همت" (Courage to live) ٿو چئجي.

هنن حالتن ۾ پليجو پاڻ کي به هڪ ڪردار جيان پيش ڪري ٿو — گهڻو ڪري هرهڪ سياسي ڪهاڻيءَ ۾. ڪٿي هو وڪيل آهي، ڪٿي قيدي ته ڪٿي هو پنهنجيءَ تحريڪ جو باني ۽ پرچارڪ. پر هر حالت ۾ هو سچو راوي آهي. هن جو هر ڪردار سچو، حقيقي، جيئرو جاڳندو ۽ عوامي قسم جو ڪردار آهي. ڪردار عورتن جي باري ۾ به پليجي جو رويو اهڙو ئي آهي. ملوڪان کان وٺي بختاور تائين، جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسي سگهندا، هر عورت رڳو بهادر ۽ همت ڀري نه آهي پر حوصلي واري به آهي ۽ حسين ۽ جميل عورت به.

بيشڪ اها ڳالهه ممڪن آهي. ممڪن ڇا بلڪ سچي آهي ته پليجي سان ۽ ان جي سياسي فڪر ۽ طريقي سان ڪن پڙهندڙن کي اختلاف به هجي، پر اها ڳالهه به سچي آهي ته اديب پليجي سان اختلاف جي گنجائش تمام گهٽ آهي.

پر تنهن هوندي به اسان کي انديشو آهي ته پليجي جي ٻيڙيءَ تي سفر ڪرڻ وارن کان سواءِ باقي هر شخص، وينديءَ هنن لفظن جي لکڻ واري جي لاءِ به، وڏيءَ صراحت سان ائين چئي ٿو سگهجي ته "ڪسي ڪه ڪشته نه شد از قبيلهء ما نيست" (ترجمو: "جيڪو ڪٺو نه ويو آهي سو اسان جي قبيلي مان نه

آهي.) ان ڪري آءٌ ذاتي طور تي هنن لفظن لکڻ جي لاءِ پاڻ اڳ ۾ ئي پليجي کان معذرت گهرندي اهو لکڻ ٿو گهران ته، ڪٿي به ٿوهان مون سان اتفاق نه ڪريو ته، مون کي افسوس ڪونه ٿيندو، جو آئي آءٌ سمجهندس ته مون ٿوهان سان انصاف نه ڪيو هوندو.

هونئن ايما آهي به هڪ حقيقت ته هن ڪتاب جي رکڻو مهاڳ لکڻ لاءِ به آءٌ نه ٿو سمجهان ته آءٌ موزون قابليت وارو ماڻهو آهيان. پليجو به چوي ٿو ته ”وڏيو هئين ته ويهه نه ته وڃيو وات ونءُ تون!“ پر هڪ اديب جو ادبي فرض؟
خير! خدا حافظ!

حيدرآباد، سنڌ

۲۰ ڊسمبر، ۱۹۸۴ع — م . ح . عاربادي

# جڏي ٻاهر پري

ڪتي جي ٻاٽ تي، سونا ڇرڪ ڀري، رلي منهن تان لاٿي. آهستي ڪري ننڍڙي موسي جي ٽنگ پنهنجي ٽنگ تان لاهي، ان تي رلي وجهي، اونداهيءَ ۾ سنڀالي سنڀالي پير رکندي، در وٽ اچي نهار ڪيائين. ٻاهر ماڻهن جو ڊنب بيٺو هو. ماسي رحمت واري ڳالهه سچي هئي. سندس دل ٻڏي ويئي.

”خميسا، خميسا ـــ ابا آهي ڪو مڙس ماڻهو؟“

هن آواز سڃاتو. حاجي جمعي جو ڳرو، دهشت ڀريو آواز ڪير نه سڃاڻي!

”ابا، ابا،“ هن ڀِٽڪو ڪري ڀِٽس کي سڏيو. هلندي ديڳڙي تان ٽاپو اچي وِٽس، ’آئي الله‘.

”چوري ڪجاڙو آ؟“ خميسو ننڊ مان ٻاهوڙو ڪري اٿيو. جوِٽس آمي ڇرڪ ڀري اٿي ويٺي، ”هان، ڪنهن سڏ ڪيو؟“ ”ٻاهر ماڙهو بيٺا آهن.“ سونا هنڌ تي ويهي رلي مٿان ڪندي چيو. سندس لڳ ساهه ڇڏيندا ويا. دل تي هٿ رکي ڏنائين، ڏڙ، ڏڙ! جهڙي ريل گاڏي.

”ڪير آن؟“

”حاجي جمو آ، ٻيا ته الائجي ڪير آن!“

”ڪجاڙو ويو آهين؟ آڏين جو رُلي مٿا آهن!“

خميسي ٻڙ ٻڙ ڪري قميص وجهندي چيو ۽ پرچ هيٺان هٿوراڙيون ڏيئي ٻيڙيون ماچيس نهارڻ لڳو. ”ڀاڻين ڪر ڳل چاڙهيو آهي، ٻيو ڪجاڙو آ!“ آميءَ چيو.

”ڀاڻم جو ڪهڙو ڏاڙو هيو آم؟“

”نظر نٿو پوني ڪ؟ پيٽيان آهين ته جڙد مڙد!“ عارب کلي چيو.

”بس هاڻ اڇي اجهيا آهيون. جڙديون مڙديون ويئيون.“ هوءِ گهر موٽي ويئي.

”خيرسان، راڄ ڪان خبرون وٺ.“ حاجي جمعي ڪانب ڪئي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي چيو.

”ادا پڌايو.“

”عارب پڌاءِ خبرون.“ حاجي جمعي دستور موجب اول ٻين کي آڇ ڪئي.

”نه، تون پڌاءِ.“

”هارون ملان پڌاءِ خبرون. پڌاءِ، پڌاءِ.“

”وريام، موسان جانو؟“

پڌاءِ، پڌاءِ. پاڻيءَ هوندي تيم ڪونه ٿيندو؟“

”ادا، اسان جون مڙيئي خير، جاٽين سجاٽين ٿو....“

هئو.“

”يارن جا غلام....“

”مادٺ، چڱا مڙس!“

”اهڙا پهر، الله ۽ الله جي رسول جي پاڙي ۾، آن يارن جي پاڙي ۾ ٻيا سات گذاريون. اڄ ويو هوس ٻني تي ور ڪرڻ. ٻني ٻه ماڻهن جي مالن ڪائي چٽ ڪري ڇڏي آهي، ڪو ٽي، ٽم وڃي ڇڏئون آهي....“

”مون ڏٺي هئي ته هن ته پلي هئي....“

”ويئي چٽ ٿي! صفا هٿ جي تري....“

”ها، هي سمن جو مال ڪنهن کي سگهو ساهه ڪٽڻ ڪونه ڏيندو. چوڻ وارو ماڙهو ڪونهي...“ سومار ملين چيو.

”ابا وڃ ڪڏي ڪيري ٿي. انين جو ٽڙ ڏاڍو آهي. چوڌري زبردست ماڻهو آهي. ڪنهن جي ڪانه ٿي هلي.“ حاجي سڪئي چيو.

ابي اما جا پٽ ٺاهي ڇڏين!' تڏهن هلي آن وٽ آيا آهيون، نه ته گهر کان واندو ڪير ڪونهي!"

سڄي ميڙ تي سنجيده خاموشي ڇانئجي ويئي. سڀني جون تحسين ڀريل ۽ تاڪيد ڪندڙ نگاهون وڏيري ۾ هيون. عارب جي چالاڪيءَ جي هاڪ هئي، پر وڏيري جمعي جي ڳالهه ۾ جو تاثير هو، جيڪو خلوص، پنهنجائپ، همدردي ۽ ڏکهي نظر هئي، سو ويٺلن جون دليون پگهرائي ڇڏيندو هو.

"خميسا، ادا تون وڏو آهين، سرهال آهين. سڀڪو توکي چوندو. توجي جيئري ياقب کي ڪير به ڪونه چوندو. راڄ پنهنجي جون ڳالهيون ٻڌيون. ياقب توجون چوريون ڪرايون، توکي ڇڏي وڃي ڪانڊيري جو ڪاج ڪاڏائين، آها چڱي ڪانه ڪين. ڪير ڪٿس شاٻس ڪانه ڏيندو. ٻچڙي کي سڀڪو ٻچڙو چوندو، چڱو ڪير ڪونه چوندو!"

"ها، ياقب ته ڏاڙيل آهي!" ياقب پڻ پڻ ڪري، پنهنجي منهن چيو.

موسي ڌونٽ هٽي آهستي چيس، "هاڻ جهل وات."

"اي ڪنهن وچ ۾ ڳالهاءُ ڪيو؟" عارب ڪرڙي نظر سان ياقب ڏانهن نهاري پڇيو.

"ڪير ڪونهي. ها، حاجي تون ڳالهه ڪر!" موسي چيو.

"مون تي چيو ته ياقب کي چڱ مڙسيون ڪونه ڪيون آهن. سڀڪو پيو ڏسي، انڌو ڪير ڪونهي. پر آءٌ به ابا خميسا توجو، موجو ڪونهي. ٻچڙو آ ڪ چڱو. جهڙو آهي تهڙو، اڄ به توجو، سڀان به توجو. صبح جو شل ميٽري ڇهنبڙي نه پويس، سڀني کان اڳ تون لٺ کڻي بيهي رهندين. اسان کي چوندين، 'پيڻ .... پيڇي پري ٿيو. مونجي ابي جي پٽ جو ڇو ٿا نالو وٺو.'"

هن هلڪو ٽهڪ ڏنو. سڄي ميڙ ۾ پنيرائيءَ جي پڻ پڻ ٿي ويئي.

"ها سچي ٿو ڪري"، عارب ٽيڪو ڏنو.

هنيون ڪارو ڪري، اکيون ٻوٽي، آنڊن-ڇانڊو پٽ اڇلائي وڏئين سمونڊ ۾ ۽ پاڻ کي وڏي وڃي ڪناري پيڙو ڪيئين.“ هن اٺاهه داد جي جذبي ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو. ”هلا پيٽان مڙس،“ جانوءَ ساڳيءَ عقيدت ۽ ساراهه ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو، ”ٻيو ڪو اسان جهڙو هجي ته ڇوڏي پاڻجو پٽ بچايون، پاڻ وڃي ڪڏ جي تري ۾ پوئي.“ ڪامل پوڙهي چيو: ”اڄ مڙس آهن ڪٿي؟ مڙس ويچارا ويا مري. اڄ سڀ وڃي رهيا آهيون ناليءَ جا مڙس. اڄ جتي ڪٿي بادشاهي آهي رنن جي. مڙس ويچارا ٻيا اک جي ڀوڇڙ مان نهارين ته زال نه مٿان ڪاوڙجي پئي. ابا ڳالهه ڪندو هو ته ’موسي مٺوائي جي ڏاڏي سليمت ڪا ننڍي هوندي حد سوهڻي هوندي هئي. ڇو ته ڪر ڪو پريءَ جو ٻچو آهي ٻي ڳالهه ڪانهي. ننڍيءَ مان پاڻي پيو ٻڪندو هوس’....“

”آن مائيءَ جون ڇوُن ٿا ته ملڪ ۾ ڀوڪارون هيون،“ جانوءَ چيو. ”مون وڏيڻ ۾ ڏٺي هئي. تڏهن به مائيءَ جي حشمت جهلڻ جي ڪانه هئي.“ حاجي جمعي اقرار ڪيو.

”ننڍي هوندي ڇوُن ٿا اهڙي هئي جهڙو هي ماندان گولو رکيو آهينان. جڏهن مائي لائق ٿي تڏهن وڏا وڏا امير خاندان سندس سنگ لاءِ ميڙيون ڪري آيا. سائين عليءَ ڏنو شاهه، هن سائينءَ جو ڏاڏو ته ماڳهين ڇوُن ٿا ته چريو ٿي پيو ۽ سڄو ڏينهن ’سليمت، سليمت،‘ پيو ڪندو هو. سليمت جي پي ياقب کي دين دنيا ۾ اولاد ڏي اها هيڪڙي ڌيءَ هئي، تنهن تي ساهه ڇڏيندو هو. ياقب جي وڏي پاڻ سلوءَ کي به هيڪڙو پٽ هو.“

”سيلو نه پلئو. سلو ته ننڍي هوندي ڇوُن ٿا ته مري ويو،“ حاجي جمعي چيو. ”ها، پلو، سچي پلو. پلوءَ جو پٽ دو پريو. قدرت خدا جي ويچاري کي ننڍي هوندي کان ڪا ڳجهت هئي، سو ٻنهي ٽنگن کان صفا چٽ ٿي ويو. ٻڍيءَ جي ٻڍي. رڳو ويٺو نهاريندو هو. مغز ۾ به پورو ڪونه هوندو هو. ڪڏهين ڪڏهين ويٺي پوتاڙي ايندي هيس ته جيڪا شيءِ پاسي ۾ ڏسندو

ڏيان؟ مونجي به ته وس ڪونهي.' آخر هن گلو صاف ڪندي
چيو، ”ادا، مون پنهنجي ڌيءَ وڏي آن راڄ جي جهوليءَ ۾.
جيئن وڻنا تيئن وڇي ڪهوس.“ سندس اکيون آليون ٿي ويون.
پانس ڊوڙي اچي ڪيس پيربن پيو. وڏيري ڳراٽڙي وڌس. هارون
ملين، عارب ۽ جانوءَ پٺ ٺپري پيار سان چيس، ”شابس، شابس!“
سندس دل ڀرجي آئي.

اهڙيءَ طرح سونا جو سڱ حاجران جي پٽ رمونءَ سان
ٿي ويو.

# پسي ڳاڙها گل....

هوءَ ڇرڪ ڀري جاڳي پيئي، سندس وات مان رڙ نڪرندي نڪرندي دٻجي ويئي. هن پنهنجي دماغ جي پوريءَ قوت سان آواز ڏانهن ڌيان ڏنو. در وٽ تمام هلڪو پر چٽو ٺڪاءُ ٿيو. در جو تالو ڪڙي سان آهستي ٺڪريو. پوءِ ڪجھ دير خاموشي ٿي ويئي. منٽ کان پوءِ وري ساڳيو آواز ٿيو. 'هوا.... نه، ماڻهو!' کيس محسوس ٿيو ته سندس لڱ ڪانڊارجي ويا آهن ۽ پيشاني پگهرجي ويئي آهي. هوءَ بي اختيار سٽ ڏيئي اٿي ۽ هڪ دل ڌاريندڙ گونگي ريھ ڪري وري پڙچ تي ڪِري پيئي. ڪجھ دير سور کان ماندي ٿي پيئي هئي، ٻه ٻائيان جا ڪارا ڦڙا وهي اچي سندس وات ۾ پيا، پوءِ پيا ڦڙا ٻه مٿئين چپ جي اندرئين پاسي کان وات ۾ ٽمندا رهيا. رت، هن سوچيو. دانهن ۽ سور کي روڪڻ لاءِ هيٺئين چپ ڪرڙڻ ڪري نڪتل رت. هن ستي ڏي زخمي چپن کي پڪوڙي رت جي گرڙي ٻاهر اڇلي. رت ۽ ٿڪ سان سڄو گل پرجي ويس. هن ساڄيءَ ٻانهن کي آهستي ٺونٺ جي ٽيڪ ڏيئي مٿي چوريو. کيس ائين لڳو ڄڻ سندس ٻانهن سان آن جي ڳوڻ ٻڌي ڇڏي اٿن، جا چرڻ کان پري آهي. 'هيءَ سچ پچ منهنجي ٻانهن آهي؟' هوءَ سوچڻ کان سواءِ رهي نه سگهي. ٻوءِ ياد پيس ته سندس پٺن، ٽنگن، مٿي، ڳچيءَ، هٿن ۽ منهن تي اهڙيون ڪئين ڳوٽيون لڏيل آهن، جنهنڪري آهي ٻه ڪيڏانهن چوري پوري نٿي سگهي. نيٺر واري ڳالھ کيس صفا وسري ويئي هئي. جڏهن ياد پيس تڏهن ساڄيءَ ٽنگ کي سور جي باوجود چوري ڏٺائين. 'ها. اها اتي ئي هئي.' تي

ڏيئي چوندي هيس: ”مرڻ، ملوڪڙي ڪا آهين تنهنڪري پرايون
گڏيون ڦٽائيندينءَ، هان؟“

پوءِ شادين ۾، غمين ۾، پين ڳوٺن جون زالون سندس
ڳوٺ جي زالن کان پڇنديون هيون: ”ادي اها ڳاڙهي چولي،
مونڙي جي سٽڻ واري چوري ڪير هئي؟“ ”ڪهڙي؟“ ”ادي
مٿيس، هيءَ جيڪا سويرَ ڪانهَ هتي ويٺي هئي، ڳوري منهن،
ويڻل مٿي واري؟“ — ”ادي ها، ملوڪان تي چوئين؟ اها، اما،
جنان ٻائيءَ جي ڌي آهي.“ ”چوريءَ جي تہ حشمت جهلڻ جي
ڪانهَ هئي. چو تہ ڪر ڪو سچ جو تڪر آ ٻي ڳالهہ ڪانهي!“
”ها، ماسي، چوري اها لکن ۾ هيڪڙي آ.“ پوءِ پوڙهيون چونديون
هيون: ”اما، سهڻا تہ توه بہ پٽن ۾ پيا آهن. الله شل صالح ڪريس.“
”ها، اما، شل جڳ جهان جي ڏين جي سولي ڪندي ٿئي.“

۽ پوءِ ڳوٺ جا نوجوان هوندا هئا ۽ سندن اکيون هونديون
هيون — شوخ اکيون، گهوريندڙ اکيون، ٽڏڙا ڪيندڙ اکيون،
حيرت ڀريل وائڙيون اکيون، هيسيل اکيون، سوالي اکيون،
واجهائيندڙ اکيون، عبادت ڪندڙ اکيون، پيرن هيٺان وڇائجندڙ
اکيون، چريون ۽ مست اکيون، ڊيڄاريندڙ، منجهائيندڙ، دل جي
تار تار کي ڇيڙيندڙ، ۽ خوابن جي دنيا ڏانهن سڏيندڙ اکيون.
اهي اکيون ڪيس ڪنهن اڻ چاتل ٻوليءَ ۾ چونديون هيون:
’ملوڪان، تون هن ڳوٺ ۾، هن ڌرتيءَ تي، هن آسمان هيٺ،
اڪيلي ۽ نرالي آهين. تنهنجو ڪوبہ ثاني شريڪ ڪونهي. تون
سونهن آهين، تون منزل آهين، تون انساني ڪمزورين، مجبورين،
خوشين ۽ غمن کان بالاتر آهين، تون ڳوٺ جي سمورين شين ۽
ماڻهن جي مالڪ مختيار آهين، فقط تنهنجي سونهن ۽ تنهنجي
جواني اٽل آهن، لافاني آهن، ٻيو سڀڪجهہ هيچ آهي، بي معني
آهي، فاني آهي.‘ ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ گم، هر شيءِ ۾ موجود،
هر شيءِ کان بي نياز، هوائن ۽ موسمن، سج ۽ چنڊ، زندگيءَ ۽
موت کي پنهنجين نازڪ مٺين ۾ بند ڏسندي، خيالن جي ڪرن

تہ پہر رکي، خوابن جي دنيا جي نامعلوم آسماني پٽن جا سير ڪندي رهي.

پوءِ هڪڙي ڏينهن پيار آيو.

وچين جي مهل هئي، هن پاڻيءَ جا گهڙا مٿي تان لاٿا تہ سامهون کٽ تي ڪيس ڏٺائين. هو سوڙهو سوڙهو، لڄارو لڄارو، حيران حيران ٿيو ويٺو هو ۽ مٿيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪپڙن کي ناسي پٽڪو لاهي پٽي چنبڙيائين. ”اما، پاڻ کي پليڪار تہ ڏي، سڃاڻينس ڪانہ ٿي؟“

پوءِ هن سڃاتس. هو مامس هارون جو پٽ هو. جيڪو ننڍي هوندي وٽن ايندو هو. پر پوءِ ٻنهي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو هو. مامس ۽ پڻس پاڻ ۾ ٺهندا ڪونہ هئا، ڇو تہ پڻس کي ماڻس جو سڳ ڏيڻ جو هارون سخت برخلاف هو، جو پڻس سمو هو ۽ مامس هارون وارا سومرا هئا. ٻين سومرن بہ سخت شور ڪيو. پر پڻس، سيد پير گڏ ڪري ڪنهن پراڻي آڏي آبتي مائٽيءَ جو سهارو وٺي، ماڻس کي پرڻي آيو هو. ان بعد هارون ڀيڻ کان ٿڌو هو ۽ سال ٿي ويندا هئا تڏهن مس ايندو هو. ”ڏس تہ ڪيڏو ٿي ويو آهي! پاڻ واري اسڪول ۾ فينل ڏيڻ آيو آهي. تپيدار ٿيندو.“ ماڻس يڪساهي خوشيءَ ۾ چئي ويٺي هئي.

ڪيترا ڏينهن، ڪيترا مهينا گذري ويا. يارو ان وچ ۾ بلڪل بدلجي ويو، اڇا ڪپڙا پائڻ لڳو، وار ٺاهڻ لڳو ۽ ٺاهوڪو ٿي پيو. هو عجيب غريب ڪتاب پڙهي ٻڌائڻ لڳو، سوچ ۾ گم ٿيڻ لڳو، منجهيل ۽ موڳو رهڻ لڳو.

”يارو ڇا ٿيو آني؟“ هڪڙي ڏينهن ملوڪان ڪيس حد کان وڌيڪ اداس، ۽ ويڳاڻو ڏسي پڇيو هو. ماڻس ان وقت گهر ۾ ڪانہ هئي. جمعو مال سان هو. پوءِ يارو ڏانهس نهاريو هو. عجيب نظرن سان، سڌ سرت وڃائيندڙ نظرن سان. هو ڪي گهڙيون ائين نهاريندو رهيو. هوءَ بہ بي سڌ ٿي ڏانهس نهاريندي رهي.

”هڪڙي ڳالهہ چوان؟“ هن آخر هٻڪي هٻڪي، ڏاڍي

ٿيندو؟ سڀڪو پنهنجي ڌيءَ پٽ جو ڀاڻ وارث آهي. اهين ته ملوڪان جي ماءُ به ڌارين آهي پوءِ؟ اڳي ڪا ڌاري زال پنهنجي راڄ ۾ آئي آهي؟" "سا ته ڳالهه برابر. پر اما هيترو راڄ ستار ويٺو هو تنهن ۾ جاءِ ڪانه ٿي لڌي، جو وڃي بي ذات ۾ ڏنئون! ڳالهه وڏي ڪانهي؛ راڄن ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿيون ٿين. سڀ مسلمان آهيون، پر جي ڪنهن اعتراض وٺي وڌو ته پوءِ گهڻو فساد اٿي پوندو." هڪڙيءَ پوڙهيءَ چيو. ملوڪان جو منهن هڪدم پيلو ٿي ويو، ڄڻ ته ڪنهن وڇونءَ سندس ڇاتيءَ ۾ ڏنگ هڻي ڪڍيو. مس مس گهڙا لاهي سڌو وڃي ماڻس کي ٻڌايائين. ماڻس به گهٻرائجي ويئي. شام جو پڻس ڳالهه ٻڌي ٻاهه ٿي ويو. "راڄ جي .... کي ....! راڄ کو اسان کي ڀاڪون پري ٿو موڪلي ڪ! ڏسان ڪير ٿو مونجي ڌيءَ پٽ جي ڳالهه ۾ پئي."

ٻه ڏينهن گذري ويا، سومهڻي مهل هئي، ڪنهن در اڳيان سڏ ڪيو. ملوڪان جو پيءُ نڪري ويو. "ڪير هو؟" جوڻس موٽندي پڇيس. "رمون هو." ملوڪان سمجهي ويئي: رمون وڏيري جاڙي جو ڌراڙ هو. جڏهن هو موٽي آيو تڏهن ڪجهه دير سڄي راڄ کي گاريون ڏيندو رهيو. "آءٌ ڪنهن جوڻس .... جي ڪڙئي تي ڪونه ويٺو آهيان،" هن غصي ڀريل آواز ۾ چيو. "آءٌ پنهنجي ڌيءَ ڪٿي ڪنهن نوڙيءَ کي ڏيئي ڇڏيان. هنن ڀيڻ .... جو ڇا وڃي؟"

ٻي رات سڄو راڄ اسڪول ۾ گڏ ٿيو. جڏهن ٽيون دفعو ماڻهو آيو، تڏهن جوڻس مٺل آواز ۾ چيس: "هاڻي اٿي وڃي سامهون ته ٿي." پوءِ سڄي رات زور زور سان ڳالهاءَ ٿيندا رهيا. ڪتا ڀوڪندا رهيا. وڏيءَ آڌيءَ جو مس هو گهر موٽيو. پڇا تي ڪتي وادگر باهوڙو ڪري چيائين: "راڄ مان ٽا ڪڍن، رن...." سڄي گهر ۾ مايوسي ڇانئجي ويئي.

ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. ملوڪان موت جي اونداهي غار ۾ ٿاٻڙندي رهي. ياروءَ جي وات مان هڪڙو اکر نٿي اڪليو.

هوءَ سڄو وقت خيالن ۾ گم رهندي هئي. ڪانئس ڪو سوال ڪبو هو ته چرڪ ڀري وڏيون وڏيون ڪاريون اکيون ڦاڙي وائڙن وانگر نهارڻ لڳندي هئي. سوچي سوچي سندس دماغ ڦاٽڻ لڳندو هو. هڪڙا پور ايندا هئس ته ٻيا ويندا هئس. ڪڏهن خيال ايندو هوس ته 'اها سڀ منهنجي مغروريءَ جي سزا آهي، جو مون لکن جي مٽ ياروءَ سان سنئون منهن ڏيئي ڳالهايو به ڪون.' ڪڏهن چوندي هئي ته 'ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن هو ضرور ايندو ۽ اچي ڪيس وٺي ويندو. راڄ اعتراض نه ڪندو. هو وڏو ڪامورو هوندو. سڀيئي هٿ ٻڌي ڪيس سلام ڪري هٽي ويندا.'

هڪڙي ڏينهن پاڻي ڀرڻ ويئي. کوهه تي ڪير به ڪونه هو. گهڙا رکي، کوهه ۾ پير لٽڪائي سوچيندي رهي. خيالن ۾ ڏٺائين ته کوهه جي تري ۾ يارو ويٺو آهي. 'ٽپو ڏيئي وڃي ماڻس ملان.' ڪلاڪ کن سوچيندي رهي. آخر پاڻ ۾ همٿ نه ڏٺائين. ٻئي دفعي زهر کائڻ جو خيال آيس. پر اهو جتاءُ ڪري نه سگهيو. خود ماڻس جون قياس ۽ ٻاجهه ڀريل نظرون به ڪيس نه وڻنديون هيون. ڪيس اهو بلڪل نٿي وڻيو ته ڪو مٿس رحم کائي. هڪڙي ڏينهن ماڻس کان اوچتو سوال پڇيائين: ”امان، پاڻ لڏي نه هلون!“ ماڻس وائڙي ٿي ويئي. پڇيائين: ”ڪيڏانهن؟“ ”هيڏانهن به!“ هن ورائيو. ماڻس سندس منهن ۾ نهاريندي رهجي ويئي.

ياروءَ جي اچي ڪيس وٺي وڃڻ جو خيال سندس دل ۾ گهر ڪري ويٺو رهيو. هڪڙي ڏينهن ماڻس کان پڇي وڌائين، ”امان وري ڪڏهن ايندو؟“ ”ڪير؟“ ماڻس نه سمجهندي چيو. هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. ماڻس کن رکي چيو، ”اما، هاڻ ڇا اچي ڪندو ويچارو.“ پوءِ ڪيس اوچتو ياروءَ تي ڪاوڙ اچي ويئي. 'هي سڀ سندس قصور آهي. هو چاهي ها ته ڪامورو ٿي هڪدم ڪيس وٺي وڃي ها. ڪميڻو، بيحيا، بيشرم. باقي هيڏا آٿ ڪتابن جا ڇاجي لاءِ ٿي پڙهيو؟' ماڻس جمعي تي ڪاوڙبي هئي ته ڪيس اهي لقب ڏيندي هئي. ياروءَ جو هڪڙو ڪتاب

هوءَ ٽي مهينا اڳ گهران نڪتي هئي. رات جو گهران سڌو اسٽيشن تي چڙهي حيدرآباد آيا هئا. اتي نڪاح وجهايو هئائون. ملوڪان کي سوچي پاڻ تي فخر ٿيو ته هڪدم نڪاح سندس ئي زور ڀرڻ تي پيو هو، نه ته يارو ايترو جلد حيدرآباد جهڙي شهر ۾ ظاهر ٿيڻ جو خطرو کڻڻ لاءِ تيار نه هو. ملوڪان کي خبر نه هئي ته نڪاح ڪيڏو ضروري هو. ياروءَ جو پيءُ کين في الحال پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ تيار نه هو. ”راڄن جي ڳالهه آهي.“ هن چيو هو. ملوڪان کيس گهڻو ئي سمجهايو ته ’بابا ياروءَ کي پاڻ پنهنجو پٽ ڪيو آهي ۽ ڪيئن هو سڄي راڄ کي سامهون ٿي بيٺو هو!‘ پر پوڙهي دل پئي هڻي. تنهنڪري لاچار کين هتي اچي رهڻو پيو هو.

هڪڙو ننڍڙو چڪمرو ٽتر پڙڪو ڏيئي اچي پريان پوتي ۾ ويٺو. ملوڪان سندس سهڻا رنگبرنگي پک غور سان ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ ڪنهن پٺيان اچي پاڪر وڌس. سندس منهن خوشيءَ وچان ٻهڪي اٿيو ۽ ورائي کيس ڪٽي ڳراٽڙي وڌائين. کيسي ۾ هٿوراڙيون ڏيئي، پان ڪڍي کاڌائين. پوءِ ٻئي هلندا درياهه جي ڪپ تي اُن وڻ وٽ آيا جتي هميشه اچي شام جو ويهندا هئا. ملوڪان پنهنجا پير ڪٽي پاڻيءَ ۾ وڌا. پاڻي ٿڌو ۽ فرحت بخش هو. سٿڻ کٽي گوڏن تائين ڪيائين. ياروءَ به ائين ڪيو. پوءِ هن ساڳيو سوال پڇيو: ”پاڻ بابا جن ڏانهن ڪڏهن هلنداسون؟“ ”اڃا ٻئي ڏينهن دير آهي.“ ياروءَ بي يقيني طرح چيو. ”اڃان ته تو واري راڄ جا ماڻهو گوڙ بند نٿا ڪن. روز سيد پير وٺيو بابا جي در تي بيٺا آهن.“ پوءِ ٿوري دير رڪجي چيائين: ”پٺهين ۽ پاڻهين به ميڙ سان گڏ هئا.“ ملوڪان واڌڙي تي ويئي. ”بابا جن انهن مروانن سان ڇا جي ڪري آيا؟“ پوءِ چيائين، ”بابا کي زور ڪري وٺي آيا هوندا ڦڪائيءَ کي پرچائڻ لاءِ. باقي بابا ته سائن اچي!“ ”ائين ئي هوندو.“ ياروءَ بي ويساهيءَ سان چيو. ملوڪان کي وري ٻور آيو. ”ڪڏهن هل ته رات جو لڪي هلي بابا جن وٽان ٿي اچون.

وري اچي حاضر ٿيو. ’بابا، تون پاڻ بي وس هئين. ڇو سين ته ته هونئن توتي متان راج ناراض ٿئي، تنهنڪري پنهنجي منهن وچي جيڪي تو کي ڪرڻ نٿي ڏنائون سو ڪيو سين. پر جي ڪٿي ناراض به ٿيو ته به بابا جي ڪاوڙ لاهڻي آسان. ڪيس جڏهن اسان جي حالت جي خبر پوندي، تڏهن ازخود قياس اچي ويندس. مائٽ رحم جو گهڙو آهي. ائين جمعي ڪيترا پڌا ڪم ڪيا آهن، پر پٽي ڏينهن ڪاوڙيو وريو ڏرڪو وڃي. مون تي ته جمعي ڪان گهڻو آر آهيس. بابا مونجو ڊول آهي.‘ هن فخر مان سوچيو. ’رڳو بابا تائين پهچان سهي، پوءِ خير....‘ جيئن جيئن انهيءَ ڳالهه تي گهڻو سوچيندي رهي، تيئن تيئن سندس اميدون وڌيڪ مضبوط ٿينديون ويون. ’رڳو خدا ڪري بابا سان هڪ ڀيرو ملي سگهان.‘ هن دل ۾ چيو.

ڪيس اسٽيشن تان لاهي ڳوٺ ڏانهن وٺي هليا. ’هي ڳس ته سڌو اسان جي گهر وارو ورتو اٿن،‘ هن سرهائيءَ سان سوچيو. پوءِ جڏهن سامهون ڳوٺ جي زالن مڙدن جو ميڙ پنهنجي گهر جي اڳيان ڏنائين ته ڪيس خاطري ٿي وئي. ’گهر!‘ هن سڀني مائهن وچان پٽس کي سڃاڻي ورتو. پرسان ماڙس بيٺي هئي. مردن ۾ جمعو به هو. هوءَ ”بابا“ چئي، پٽس ڏانهن وڌي.... ۽ پوءِ جمعي ڪيس لت هنئي. ٻانهن ٽڪر ٿي ويئي. هوءَ ٻاڪار ڪري پٽس کي چنبڙي پئي. ”ابا!“ هميشه وانگر، عادت موجب، جيئن اڳي هريل هئي. نڌڻي هوندي وانگر جڏهن جمعو ڪيس ماريندو هو ۽ پاڻ روئي چوندي هئي. ”بابا، بابا، مون کي جمعي مڪون هنيون آهن.“ ۽ پٽس ڪيس مٿي تان هٿ ڦيرائي، ٻاڪر پائي، جمعي کي ڪن مان جهلي چوندو هو ”ڇو ڙي حرامي! ڀيڻ کي ڪو تو ماريو؟ دلا، توجو مغز ڦريو آ، ڇا؟“ پر ڪلهه پٽس ڪيس مٿي تان هٿ ڦيرائي، ٻاڪر پائي، جمعي کي ڪن مان ڪونه جهليو. سندس اکين ۾ تڪار ۽ ڪاوڙ جا مچ هئا، جنهن کي ڏسي هوءَ دهلجي ويئي هئي. هن نفرت مان ڪيس ڌڪو ڏيئي،

۾ پاڻ کي پوڙهي عارب جنهن جي زال ۱۳ سال اڳ مري ويئي هئي، تنهن سان نڪاح ۾ ڏنو. کيس ياد آيو ته جڏهن خميس ٻ مُلين جي ڏيءَ ٻچان، موسيٰ ماستر سان ڀڄي ويئي هئي، تڏهن ان کي سيکت ڏيڻ لاءِ کيس حاجي جمعي سان پرڻايو هئائون. ٻچان سڄي ڳوٺ جو نڪ هوندي هئي. اڇي اڇي جهڙي پٽاٽي. ليمڪ پريل ڪاريون ڪٽوريل اکيون، چيلهه ٽاڻين وار، ڪپڙي لٽي، ڏاهه ڏوهه جي شوقين. شاديءَ غمي تي ٻاهر منجهه نڪرندي هئي ته ماڻهن جا وات ڦاٽي ويندا هئا. حاجي جمعي سان پرڻجڻ کان پوءِ، ٻارهن مهنن ۾ چوڻ ته الائجي ڇا مان ڇا ٿي ويو. سڄي سڙي سڪي ڪاراٽجي ويئي. مُنهن جا هڏ نڪري آيس، ڏيرن ماري ماري، منهن مٿا وچي پٽ ڪري ڇڏيس. اها ٻچان ڏسيو ماڻهن کان هاءِ نڪري ٿي ويئي. سيڪا چوندي هئي، ”بس اما قسمت!“ عارب سان گڏ سمهڻ جو تصور ايندي ئي سندس لڱ ڀڄڻ، ڪراهت ۽ نفرت وچان ڪانڊارجي ويا. بار بار کيس هڪ ڀوائتي ڪتي جون خونخوار نظرون پاڻ کي ڏاريندي‌ون نظر آيون. هن هڪ هڏن جي پڃري کي گهڙا مٿي تي ڪٽ ٻ هلندو ڏٺو، جنهن جا ٻغل ڦاٽل هئا، پير هلندي هلندي ٿاٻڙيا پئي. زالن کيس ڏسي پاڻ ۾ سُس پُس ڪري پئي چيو، ”اما شل نه ڪنهن جو ڀاڳ ڦٽي!“ هن محسوس ڪيو ته اڄ کان پوءِ هوءَ ڪڏهن ڪنهن کي سچي دل سان ادا ۽ ابا سمجهي نه سگهندي. هوءَ ڪنهن مٿل جي ڀوت وانگر هيڏي هوڏي ڀٽڪندي رهندي. ۽ پوءِ جنهن تصوير کي هن در دروازا ڏيئي، ڪلفن ۾ بند ڪري ڇڏيو هو، سا اوچتو در دروازا ڀڃي، ڪلف ٽوڙي سندس سامهون اچي بيٺي. چڃريل ۽ سوڄل منهن. اک هيٺان وڏو وڏو ڪارو داغ. هيٺ ڪٽل اکيون ۽ اهو غيرانساني ڀوائتو آواز. ’۾ ڏينهن تنگي پئي مارياڻون سڄي ڪانهه ڪيم. پوءِ اما کي اگهاڙو....‘ هوءَ وڌيڪ سوچي نه سگهي. هن وڌيڪ سوچڻ نٿي چاهيو ۽ سندس دل مان جيئڻ جو چاهه ۽ مرڻ جو ڊپ صفا ختم ٿي ويو. اوچتو در کلي پيو. سندس

ڪهڙا هئا تنهن جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. مختلف علائقن تي مختلف ذهنيت پيدا ڪرڻ وارو پاڙودر چٽڪاريو ويو. مثلاً ڪٿي رحم ۽ قربانيءَ جو ته ڪٿي حيا ۽ اخلاق جو ته ڪٿي حب الوطني ۽ حق گوئيءَ جو وغيره.

اتفاق سان دنيا جي انهن ٽڪرن ۾ سنڌ کي به شامل ڪيو ويو ۽ مٿس رات جو سچائيءَ وارو پاڙودر چٽڪاريو ويو. ٻي ڏينهن فجر جو جيئن ئي هاڪرن، اخبارون پهچايون، تيئن ئي پاڙودر جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳا.

اخبارن جا پيا ته سمورا صفحا پاڙودر چٽجڻ کان اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا باقي ايڊيٽوريل صفحا رهجي ويا هئا جي سڀ کان آخر ۾ ڇپيا هئا. هڪڙي اخبار جا سڄو وقت پنهنجي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول رهڻ ڪري بدنام هئي، تنهن پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو هو، ”ڪيڏي نه شرم جي ڳالهه آهي جو اسين چند چانديءَ جي سڪن جي عيوض پنهنجو ايمان وڪڻندا رهيا آهيون ۽ وطن جي غدارن ۽ قوم فروشن جي شان ۾ قصيده پڙهندا رهيا آهيون! جنهن پنڀور کي ٻاهه لڳل هجي، ان ۾ ويهي پيٽ خاطر وطن کي وساري خودمطلب چمچن جي ساراهه جا ڍڪ ڀرڻ ڪيڏي نه بيحيائي آهي!....“

ٻي اخبار جنهن جو پيشو ئي وطن دوستن تي چغليون هڻڻ، مٿن بهتان مڙهڻ، نوجوان نسل کي خوار خراب ڪرڻ هو ۽ جنهن بابت سڀني کي خبر هئي ته اها آمريڪا جي جاسوسي کاتي جي پاڪستاني ملازم جماعت جي اثر هيٺ آهي، تنهن لکيو: ”ڪير ٿو چئي ته اسين ٻين کان پوئتي آهيون؟ جيڪا قوم اسان جي اڄوڪن عظيم شاعرن ۽ اديبن جهڙو لافاني ۽ بي مثال شعر ۽ ادب پيدا ڪري سگهي ٿي، جيڪا قوم اسان جي اڄوڪي انقلابي نوجوان نسل جهڙو املهه انساني فصل اپائي سگهي ٿي تنهن کي گهٽ ۽ پوئتي چوڻ وارا يا بيوقوف يا بي ايمان آهن.“

اها ڪا گهٽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جتي آمريڪا جو جاسوسي ڪاتو هيڏي آسانيءَ سان ۽ هيڏي وڏي تعداد ۾ هر طبقي مان پنهنجا ايجنٽ ۽ چمچا تيار ڪري سگهيو آهي اتي اهو بدنام ۽ رسوائي زمانه جاسوس ادارو اسان جي وطن ۾ بري طرح ناڪام ويو آهي ۽ جيڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ايجنٽ هٿ ڪري سگهيو آهي، سي به عوام ۾ خوار ۽ خراب ٿي چڪا آهن.

”.... بهرحال، اسين مطالبو ڪنداسين ته جيڪي اخبارون ۽ سياسي جماعتون آمريڪي جاسوسي ڪاتي جي اشاري تي نچي ۽ ٽپي رهيون آهن، انهن تي فورن بندش وڌي وڃي ۽ وڌيڪ بدنام فردن ۽ اخبارن کي فورن بند ڪيو وڃي.“

جيڪي هفتيوار اخبارون ان ڏينهن ڇپيون، تن ۾ به نئين دوا جو اثر ظاهر ٿيو. هڪڙي هفتيوار اخبار، جا سال ۾ ڪل ست پرچا ڪڍندي هئي ۽ ستن ئي ۾ هڪڙي ئي ڪاموري جي تعريف لکيل هوندي هئي. تنهن ان پرچي ۾ ان ڪاموري جو نالو وٺي لکيو، ”ههڙا عوام آزارينڌڙ ڪامورا فوراً ڊسمس ڪرڻ کپن ۽ مٿن جرگن ۾ مقدما هلائي کين نه رڳو جيل جون ڳريون سزائون ڏيڻ کپن پر کين شهر جي چونڪ ۾ ڇهبڪ هڻائي، ٻين لاءِ عبرت جو سامان پيدا ڪرڻ کپي.“!

مريدپور ٿاڻي جو صوبيدار، صبح جو نيرن ڪري، اڇا اجرا ڪپڙا پائي، اچي ٿاڻي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو. وڏي منشيءَ ڪاغذپٽ اڳيان آڻي رکيس. پريان جان محمد پوليس وارو، ڇئن ڇيلهه ۾ رسن پيل ماڻهن کي وٺي اندر آيو ۽ سيلوٽ ڪري ڪڙوتڙو ٿي بيهي رهيو. صوبيدار پڇيس، ”هي ڪير آهن؟“

جان محمد ادب سان چيو، ”سرڪار! رات ناڪي بندي ڪندي، موريءَ وٽان هنن کي شڪيءَ حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون. هڪڙي وٽان بنان ليسن جي ريوالور....“ ائين چئي، هو بيهي رهيو. ”اڙي ڳالهه ڪر!“ صوبيدار ڪڙڪو ڪري چيو.

بيري پٺ ورائي جواب ڏنو. ”نه سائين، ڪڪڙ پوڙهي ناهي، مثل آهي.“

مسٽر نواز عليءَ آپي ڪان ٻاهر ٿي پڇيو، ”ڇا مطلب؟“

”سائين، اسين هميشه بيماريءَ وگهي مثل ڪڪڙ رڌيندا آهيون.“ بيري نهايت ادب ۽ نوڙت سان چيو.

مسٽر نوازعلي تپ ڏيئي اٿيو ۽ سڌو سيٺ وٽ پهتو. سيٺ سندس جوشيلو احتجاج ٻڌي، نهايت ٺڌائيءَ سان سمجهائڻ لڳس.

”نواز علي خان، گوشت مهانگو آهي. مثل ڪڪڙيون ۽ ڳئون نه هلائبون ته پورت ڪيئن پوي؟ سڀ گراهڪ هميشه ڪاڻو خوش ٿيو وڃن. ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين گلا نه ڪئي آهي، خود توهان به نه. توهان حيدرآباد جا گراهڪ خوشنصيب آهيو، جو حلال مال ٿا کائو. ڪراچيءَ ۾ ته گڏهيون کهيو پيا کارائن!“

گوڙ تي ڪيترا گراهڪ اچي گڏ ٿيا ۽ ڏسندي ڏسندي پوري هوٽل خالي ٿي ويئي.

اتفاق سان ان ڏينهن حيدرآباد ۾ ٽن سياسي جماعتن جي ليڊرن جون ڀرپور سياسي ميٽنگون رکيل هيون.

ظهر جي نماز کان ڪلاڪ کن پوءِ لطيف آباد جي هڪ ڪوارٽر ۾ درجن کن صاف، اجرا، ڪنلف لڳل نوراني چهرا، مقدس سونهارين ۽ شرعي چال سان هڪڙي ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا. تلاوت قرآن مجيد بعد هڪڙو بزرگ ٽن مهينن جي ڪارروائيءَ جي رپورٽ پيش ڪرڻ لڳو. هر صالح مومن کان چندي ۾ گڏ ڪيل ڏوڪڙ، قربانيءَ جي کلن وغيره جو ليکو صاف ڪري وٺڻ کان پوءِ هن چيو: ”حضرات! جماعت جي اڳيان، دنيا اندر اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ جو جيڪو نصب العين آهي، تنهن لاءِ اسان پنهنجي وت آهر هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک لک احسان آهن....“ چوندي چوندي، بزرگ کي هڏڪوئي

”آمريڪي سامراج ۽ سندس مقامي ايجنٽن جو پڻ اهو ئي آخري نصب‌العين آهي. پر اسان ۽ هنن ۾ وڏو بنيادي فرق آهي. هو ٻاهران حملو ڪن ٿا، اسين اندران ڪاٽ هڻون ٿا. هو ڏنڊي ڪان ڪم وٺن ٿا، اسين همدرديءَ جا ٻول ٻولي ڪم ڪيون ٿا. هو ڌاريان لڳن ٿا، اسين پنهنجا ٿي لاهه ڪيون ٿا. هو مذهب ۽ قومن جي آڙ وٺن ٿا، اسين انقلاب جو نعرو هڻون ٿا.

”انهيءَ لاءِ اسان هڪ منظم ۽ رٿيل پروگرام مرتب ڪيو آهي. سڀ کان اول اسان هميشه سنڌ جي نئين ۽ باشعور نسل کي سندن هڏڏوکي ۽ سرويچ رهنمائن کان بدظن ڪرڻ ٿي ڪيو آهي.

”ٻيو ته اسان هميشه سنڌ جي اصلي ۽ حقيقي مسئلن کي نظرانداز ڪري مصنوعي مسئلن جا نعرا هنيا آهن. جڏهن اتفاق سان اسان جي هٿن مان ڳالهه نڪري ويئي آهي ۽ ڪا عوامي تحريڪ ازخود ابري آهي ته اسان ان تحريڪ کي بدنام ڪري، ڪچيءَ ۾ ڪچلڻ ۾ پڻ ڪان گوءِ کڻئي آهي. پر جڏهن پوءِ به ڪم نه ٺهندو آهي، تڏهن انهيءَ تحريڪ ۾ گهڙي انهيءَ جا ترا ڪيندا آهيون.

”تيون ضروري ڪم اسان اهو ڪيو آهي، جو اسان سنڌ جي نئين نسل جي باشعور فردن کي انقلابي نظرين ۽ انقلابي ادب جي گهري مطالعي کان بدظن ڪري، اڻسڌيءَ طرح ڪين روڪيندا رهيا آهيون، ته جيئن ’ٻلي شينهن پڙهايا، وت ٻلي ڪون ڪاوڙ آيا‘ وارو ڪم نه ٿئي ۽ هو اهڙا هوشيار نه ٿي وڃن، جو سڄي ڳالهه سمجهي، پنهنجن پيرن تي بيهي، مورڳو اسان جي چنبن مان ئي نڪري وڃن.

درحقيقت اسان پاڻ انقلابي نظرين جي مطالعي ۽ پروڙ کان لهرائيندا آهيون. اسان پنهنجي ترقي پسند گادي قائم ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي رڳو ان گاديءَ جا مريد ڪندا پيا وڃون. اصل ڳالهه ڇا هئي، تنهن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي. سچ پڇ ته ترقي پسند اڪابر جيڪڏهن پنهنجي قبرن مان نڪري

هيئن ڪيئن رهن ها؟ هو ڪو ڀاڻ کي ڇڏين ها ته توهان ڀلي ويهي عيش ڪريو. اسين ويهي ٿا اوهان لاءِ ڪمايون، ۽ توهان ۽ ڪامورن جا ٻادر جهليون!“

انهن چيو: ”ادا، ڪامورن کي به ڀاڻ مان گهاٽو ڪونهي. ڀاڻ اٺ ڏي پهر ڇتن مٿان ٻادر ڪنيو، سندن ستند سڪايو نه ويٺا هجون ها، ته ڀانيو ٿا ته هي ڇٽ ڪامورن کي به ڪو سک جو ساهه کڻڻ ڏين ها؟ انهن کي اهي رنگ به اسان ويٺا ڪرايون، نه ته خبر پئجي وڃين ته گهٽين ويهين سؤ آهي. جنهن مهل نه هيءَ پنجاهه لکن جي ياجوج ماجوج جي قوم اٿي کڙي ٿئي ها، تنهن مهل ڪيڏانهن وڃن اهي ڀونڊ، ڪيڏانهن پيا ٽڪسات! پر دعا ڪن ڀاڻ کي، جي هن سموريءَ ڪُت-خلق مٿان ڇپ ٿيا ڪريا پيا آهيون ۽ ڪنهن کي ڇُرڻ به ڪونه ٿا ڇڏيون....“

اتي جنهن ڳالهايو پئي، تنهن ڳالهه ڪاٽي پڇيو، ”ها رئيس، پوءِ آيو ڪو ترهان جي پٽ جو هوش ٺڪاڻي؟“

رئيس وراڻيو: ”سائين منهنجا ڪتي! ڇورو الاجي ڇا جو ڇا پيو بڪي. چي: ’سند هيئئن، سند هوئئن، فلاڻا غدار، ٽيڙڙا بزدل ۽ وطن دشمن.‘ چي: ’اسان نوجوان توهان جو ڪيتو پيا لوڙيون ۽ وڏن جي گناهن جو ڪفارو پيا ڀريون!‘

”هاڻ سائين، ڏيو جواب! بس رئيس وڏا، چوڏهين صديءَ جو اولاد اِجهو اِهو اٿو. هاڻ قيامت ۾ به گهڻي دير نه سمجهجو. آئي بيٺي اٿو....“

جلسو سنڌي دستور موجب بنان ڪنهن فيصلي ۽ اتفاق جي، خيرخوبيءَ سان ختم ٿيو.

(”روح رهاڻ“، آڪٽوبر ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل، تورو گهتايل)

وارو وڪيل ٻئسن نہ ملڻ ڪري ڪاوڙجي ويو آهي. اڄ ڏڪونہ آيو آهي. جج ڪيس ڪونہ ٿو رکي. هلائي ٿو. منهنجي منشيءَ الائي ڪيڙا گشاپتا هڻي، ان مجبوري حالت ۾ ساڄن وارن کي مڃايو آهي تہ جيسين وڏي وڪيل جي ٻئسن جو بندوبست ٿئي ۽ هو اچي تيسين جج جي ضد کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪو هڪڙو اڌ شاهد حاضر آهي، ان کي آءٌ منهن ڏيان. مون وڪالت نامو وٺو. فيءَ جو تہ خير مون سوچيو بہ ڪونہ. رڳو اهي ٻئي دعائون گهريم تہ "شل پٽ سان رهجي اچي! مون واري منشي جيڪي ٻتاڪ هنيا آهن، تن جي پت رهي!"

ٻر جج صاحب الائي صبح جو گهران وڙهي آيو هو، الائي ڇا، مون واري پٽ مان ڦٽڪو بہ ڪونہ ڇڏيائين! منهنجو خيال هو تہ مڙيئي ٻہ چار اهڙا سوال پڇي ڇڏيان، جن مان گهٽو فائدو ڪٽي نہ بہ ٿئي، پر نقصان بہ نہ ٿئي ۽ ٿي سگهي تہ ڪجهہ لئي بہ ٿئي. پر جج صاحب چئي، تون ٿيندو ڪير آهين جو اڄ مون وٽان سگهين لڳين وڃين! جيڪو ڪٽيو سوال پڇان، تنهن لاءِ گوڙ ڪريو بيهو رهي. چي "فضول آهي. ٻيو سوال پڇ!" قصو ڪوتاهہ، مون کي هڪڙي ٽڪي جهڙو ڪري ڇڏيائين! مون دل ۾ چيو تہ "زمين جاءِ ڏي تہ ان ۾ گهڙي وڃان!" ٻوهہ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. مون لاچار ٿي لحاظ ڇڏي، جج صاحب سان خالص قانون جي ڳالهہ ڏڪئي. سوال لکت ۾ نوٽ ڪرايم. جوابن جو لفظ بہ لفظ لکايم. ڳالهہ نيٺ وڏي وئي. جج صاحب بنهہ بر ٿي ويو ۽ مون قلم ٥٢٦ ڪپڪ هيٺ ڪاروائي فوراً بند ڪرڻ جي درخواست ڏني. هاڻ ڪيس لازمي طرح رڪجڻو هو، سو رڪيو. آءٌ ٻڏندڙ دل سان ٻاهر نڪتس. جوابدار ججن کي ناراض ڪرڻ کان ونءُ ويندا آهن، خاص ڪري وڏن ڪيسن ۾. وڏا ۽ پراڻا وڪيل مس مس جوابدارن کي جج سان قانوني ويڙهہ لاءِ تيار ڪري سگهندا آهن. ڪو مون جهڙو ان وقت جو اپرو سپرو رنگروٽ وڪيل، ڪنهن ساڄن مهاڻي جهڙي

وڏي جوابدار ڪي، جنهن جو وڏو وڪيل ڪراچي ۾ ويٺو هجي، تنهن کي جج سان قانوني طرح وڙهڻ لاءِ تيار ڪري سگهي، اها ڳالهه سوچڻ ئي فضول هئي.

اهي ڳالهيون ڳُٺي، آءٌ وچي بار روم ۾ ويٺس. ايتري ۾ ساڄن سڏايو. مون کي چيائين، ”مڙس ڀائيءَ وارو تو ڏسجين! دل مٿان لاهين! ڪيس جيئن وٺيئي تيئن هلاءِ! اسان هُن ڀاڙئي وڪيل تان هٿ ڪنيو. اسان جو وڪيل تون آهين. الائي وڪالت چائين ٿو ڪ نه ٿو چائين، اسان کي تون پسند آهين. فيءَ لاءِ دل مٿان لاهين. اسين ڀاڙيا ڪونه ٿيندا سين!“ آءٌ رڳو ايترو چئي سگهيس، فيءَ جي ڳالهه ڇڏي ڏي. خدا ڪندو سوالي ٿي پوندي.“

اهڙيءَ ريت مون هن جا ويهن ڪان مٿي ڪيس هلايا. مون به محنت ڪئي، هُنن به ڪئي، ڪيس آهستي آهستي ڪري، هڪڙو هڪڙو ٿي ڇٽي ويا. تان جو پوليس مون تي پوڪارون ڪيون ته ”ان ٽولي هٿان ڌاڙا هٽائي ٿي فلاڻو وڪيل ٿو!“ حد جي ڪليڪٽر مون کي چيو ته، ”انهن جا ڪيس ڇڏ. تو کي نقصان نه پوڻ ڏبو! تنهنجون پيون ڪيترين ئي اپيلون وغيره پيل آهن. انهن ۾ ڪسر پوري ٿي ويندي.“ مون معذرت ڪئي، جنهن تان ڪليڪٽر صاحب گرم ٿي ويو. ان سان منهنجي ويڙهه به لاڳيتو ٽي سال هلي. پوليس اڳي ئي خاري هئي. باقي ڊي-ايم صاحب پٺيان پئجي ويو. سو معاملو ڪجهه گرم ٿي ويو. پر خدا پت رهائي. ڀاڙيو اسان مان ڪو به ڪونه ٿيو.

٧-٨ سال ٿيا آهن ته آءٌ اچي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو آهيان. ساڄن جا جيڪي ڪيس رهيل هئا سي حيدرآباد مان وڃي هلائيندو هوس. تان جو وڏا ڪيس سڀ ختم ٿي ويا. باقي سنها ٿلها ڪيس، اتي اڳ منهنجو جيڪو پارٽنر هو، ان کي ڏيئي ڇڏيم. همراهه حيدرآباد ايندو آهي ته جيسين مون سان ملي ۽ ڪچهري نه ڪري، تيسين مٿس حيدرآباد چڙهڻ حرام. هڪٻئي کي پراڻيون ڏک سک جون ڳالهيون ياد ڏياريندا آهيون ۽ شڪر ڪندا آهيون

نہ بدليا ۽ اوھان جي دل مان ڪدورتون نہ نڪتيون تہ اوھين وري ڪنھن نہ ڪنھن جي ٻچ تي ھڪٻئي جي سر جا ويري ٿيا، ھڪٻئي تي ايا ٿيا بيٺا ھوندا. چڱو ائين آھي تہ فيصلو ڪري دشمنيءَ جي پاڙ ئي ھميشہ لاءِ وڍي ڇڏجي، ۽ خود ھنن پٺيان ڪي بہ گس تي چاڙھي ڇڏجي!“

ڇوري جي ٻچڻ جي اھا ڳالھہ ٻڌي، خوشيءَ وچان منھنجا ھٿ پير ٺري ويا. ڪنھن مھل ڪان پوءِ ڪنھن اچي منھنجي پيرن تي ھٿ رکيا. مون اکيون کوليون تہ مٿان ڇورو مون وارو بيٺو ھو! بس پوءِ تہ منھنجي جيڪا حالت ٿي سا تہ پڇ ئي نہ! ايتري ۾ ھڪڙي جوان مڙس ياروءَ ڏانھن منھن ڪري چيو: ”چاچا، سچي مڙسي اھا آھي! سچي غيرت اھا آھي ! پٽ جو وير بيشڪ تو واريو آھي! سچي مڙسي اھا ناھي تہ پنھنجا پاڻ جھڙا ايرا پائر ڇچجن يا انھن کي ڪير لالچائي يا برغلائي ڪانئن ڪڏو ڪم ڪرائي تہ انھن کي تباھہ ڪجي. سچي مڙسي، سچي غيرت، اھا آھي تہ ڪيڏو بہ سور اچي تہ پي وڃجي پر دشمن کي خوش ٿيڻ نہ ڏجي. اھا آھي سچي دليري. تو پٽ جو خون درگذر ڪري، دشمن جي زبردست ۽ قاتل سازش کي ناڪام ڪيو آھي!“

ٻئي جوان چيو ”ھيترو سچو دنيا جو دور ظالمن جي بادشاھي ھلي آھي. ھاڻ مظلومن جي بادشاھي قائم ڪرڻي آھي ۽ ظلم جو ٻڙ بنياد ختم ڪرڻو آھي. ان لاءِ ٻڌي کپي، ضابطو کپي، اورچائي کپي، مڙسي کپي، ڏاھپ کپي.“ ٻيون بہ الاھي ڳالھيون سمجھائيندا رھيا. ان گھڙيءَ مون بہ پنھنجي دل ۾ قسم کنيو تہ ”وري ڇا بہ ٿي پوي پنھنجن غريب ڀائرن جو مارو نہ ٿيندس ۽ سنگت رکندس تہ پنھنجن غريب ڀائرن سان ۽ نہ دشمن ظالم وڏيرن سان. ڀلي ڪٽي سچا سون ٿي پون.“ ان ڳالھہ کي اڃا ٿورا ڏينھن ئي مس گذريا تہ تنھن ڏينھن امام عليءَ خان گھرائي چيم تہ: ”دوداڻي وٽ مال جام ٿي ويو آھي، وڃي ھلڪائي ڪري

اچين!“ پوءِ ڇيم تہ سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايانس ۽ چوانس تہ ”وڏيرا! اهي ڏينهن ڪائي ويا جڏهن اسان کي ڀاڙيو ڪري استعمال ڪندا هئا.“ پر همراهن هدايت ڪئي آهي تہ ’راز جي ڳالهہ ڪنهن سان بہ ڪرڻي نہ آهي. ضابطي ۾ هلڻو آهي.‘ سو نٽائي ويس. پر وڏيرو جند ئي نہ ڇڏي. هُتان هِتان واريو بيٺو آهي. لاچار کيس صاف جواب ڏيڻو پيم. هاڻ ٻڌاءِ تہ مون کهڙي بڇڙي ڪئي؟“

مون ڪِلي چيس ”ڀلا جي آءٌ چوان تہ تو بي واجبي ڪئي آهي. امام عليءَ جهڙي مڙس کي جواب ڏيڻ تو جهڙي مڙس جو شان نہ آهي تہ تون منهنجي ڳالهہ مڃيندينس؟“ چيائين ”دل واري ڳالهہ؟“ چيم ”هائو!“ چيائين ”ڪونہ مڃيندس! مون کي هاري همراهن جي ڳالهہ تي سورهن آنا ويساهہ اچي ويو آهي! مرڻ مري ويندس پر ان ڳالهہ تان ڪونہ لهندس. تون رنج ٿيندين تہ توکي پرچائي وجهندس. پر غريبن جي طرف واري ڳالهہ ڪونہ ڇڏيندس!“ مون چيس تہ ”پوءِ جيڪي وڻيئي سو ڪر!“ پڇيائين ”۽ تون؟“ مون چيس ”آءٌ تنهنجي پٺيان!“ چيائين ”چرچا ڇڏ! اسين جاهل اوهان جي پٺيان سونهون ڪ توهين اسان جي پٺيان سونهندا؟“

چيومانس: ”جاهلن جا بہ قسم آهن. هڪڙا اڻ پڙهيل جاهل ٿيندا آهن، ٻيا پڙهيل جاهل ٿيندا آهن. پڙهيل جاهل جهڙو ڪنو ۽ گندو جاهل دنيا ۾ ٻيو ڪونہ ٿيندو آهي. غريب جو ٻار ڀلي کهڙو بہ امير ٿي وڃي، پر جي پنهنجي غريباڻي لڏي جو طرف ڇڏي، ڪانو وانگر مور جي چال هلڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ دشمن جو دلال ٿيندو تہ ان جهڙو مورک ۽ جاهل ٻيو کهڙو ٿيندو؟ آءٌ ڪٿي اتفاق سان وڪيل ٿي ويو آهيان پر اولاد تہ انهن مسڪينن جو آهيان، جن جون ست ڇا ست سؤ پيڙهيون بہ پورو ڏيو ڪونہ سنڀرن. منهنجا مائٽ اوهين غريب آهيو. هي وڏيرا ۽

سيٺيون جيڪي پنهنجي مطلب ۽ غرض لاءِ پاڻ کي ڳرانڙيون پيا وجهن سي مون ۽ تو جهڙن جا مائٽ ڪڏهن به ڪونه ٿيندا. مون کي به پنهنجي پارٽيءَ جو ماڻهو سمجهه!"

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي ڀاڪر پائي چيائين: "جوان جا پٽ، تہ پوءِ پنهنجي آهي به فتح!"

(ماهوار "تحريڪ"، جنوري ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل)

ڏٺو. ٿلهوڪو سنهڙو هاڪڙو نوجوان، ڦاٽل ڪپڙا، ڪنڌريل وار، وڌيل ڏاڙهي، اگهاڙا پير، نرم پر باوقار آواز، هن جهڪي جيلر کي ڪجهه چيو پئي. اوچتو هن اسان ڏانهن لوڏيون هنيو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪ بند ٿي ويئي.

مون کان بي‌اختيار نڪري ويو، ’يوسف لغاري“ هن جي چهري تي هڪدم سندس جڳ موهيندڙ، معصوم، پياري ۽ پنهنجائپ واري مرڪ ڇانئجي ويئي.

”يوسف لغاري.... يونين جو صدر؟“ هڪ ساٿي پڇيو.

مون يوسف کي پاڪر پائيندي ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

”ڪل گهڻان؟“ مون پڇيس.

”٢٠٧“ هن وراڻيو.

”زخمي گهڻا؟“

”سڀ.“

”سخت؟“

”گهڻي ڀاڱي.“

يوسف ٻڌايو. اڄ به راتيون اڳ هو منهنجي آفيس ۾ پٽس جي جاءِ جي اپيل جا ڪاغذ کڻي آيو هو. چڱو ڀلو ۽ آزاد هو. سندس، نس نس مان زندگي پئي ڇلڪي.

سپرنٽينڊنٽ نيٺ موٽيو. ”ٻيا به ملاقاتي آيا آهن. اڳوپوءِ اوهان به گڏ هلو ته ڀڪي ملاقات ٿي وڃي.“ ته چئبو ته ملاقات واقعي ٿي پئي. ٻيا ملاقاتي ۽ اسين سڀ گڏ جيل جا چن سان لنبيل صاف سٿرا گس ڏيئي اندر وياسين. واٽ تي تعارف ٿيندا هليا.

”مجيب پيرزادو، انجنيئرنگ ڪاليج!“

”ڪامل راڄپر، ميڊيڪل ڪاليج!“

هڪ دروازو کليو ۽ اسين ٻه سؤ کن سي ڪلاس قيدين سان ڀريل هڪڙي شاهي اڱڻ ۾ داخل ٿياسون. اڱڻ اندران هڪ کليل جيل بلاڪ کايل اسپتال ٿي لڳو. قيدي ننڍين، اداس، ماتمي

ڪوبہ خيال نہ ڪريو. ضامن ٿئي نہ ٿئي، پرواھہ ڪانھي، اسين سڀ ڪجھہ سھنداسين.“ موٽندي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ چانھہ گھرائي. ايتري ۾ ھڪڙو قـداور، جانٺو، چست ۽ قـڙت، سھڻو انگريزي لباس پھريل ماڻھو لنگھي آيو. سنڌس بيحد دلڪش مردانگي حسن کي ڏسي، مون پنجن ندين جي پاڻيءَ کي داد ڏنو، سڀ اٿي بيٺا. ھن سپرنٽينڊنٽ جي ڪرسي والاري. سپرنٽينڊنٽ بيٺو رھيو. تنھن آيل اسانجن قيدين بابت ڳالھہ ٻولھہ شروع ڪئي. سنڌس گفتگو ھڪڙي سؤ في صدي حاڪم جي گفتگو ھئي. ھن بار بار ”تخريب پسند“، ”انتظام“، ”حڪومت“، ”ذميوارين“ جا لفظ پئي دھرايا. اسان کي ائين پئي خطاب ڪيائين، ڄڻ تہ اسين بہ ڪي چڱي چال وارا قيدي ھئاسين. مون کي ائين لڳو ڄڻ مون ھي يا ھڙو ماڻھو ڪٿي ڪو ڏٺو آھي. اوچتو مون کي فلم ”گنس آف نوارونی“ وارو جرمن گستاپو آفيسر ياد آيو. ھي بہ ان ساڳيءَ جنس مان ھو. پيدائشي حاڪم، سموري انساني مخلوق کان مٿي، افضل ۽ سمورن انسانن کي قيدي ۽ ڏوھاري سمجھندڙ.

اسين جڏھن سنڌس تقرير کي اڌ ۾ ڇڏي اٿياسين، تڏھن ڏٺوسين تہ ھو ناراض ٿي پيو. پر اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين. قيدين بابت ضروري ڪم لاھي، اٿ شام جو گھر موٽيس. عادت موجب ماني کائڻ سان گڏ اخبار پڙھيم. منھنجي نظر پوئين صفحي تي ڄمي بيھي رھي. مون ان جا پويان اکر وري وري پڙھيا.

لکيل ھو، ”— ڪوبہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آھي. ڪجھہ گرفتاريون ٿيون آھن، حالتون ٺيڪ ٺاڪ آھن.“

منھنجي اڳيان ۲۰۷ قيدي، سوين ڇچريل ۽ سڄيل مٿا، منھن، ٽنگون، ڄاڙيون، ٻانھون ۽ ٻيا ڦري ويا. ”ڪوبہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آھي، ڪجھہ گرفتاريون ٿيون آھن. حالتون ٺيڪ

آهن.“ مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن ساڳي اخبار ۾ وڏين سُرخين سان ٢٠٧ قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم. پر جيڪي ويهه پنجويهه ڄڻا نوان قيد ٿيا هئا تن جي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي به نظر ڪانه آئي. مون اخبار ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

(ماهوار ”تحريڪ“، مارچ ١٩٧٣ع ۾ ڇپيل)

# بختاور

جنهن مهل تار آئي تنهن مهل مون ڇيهوُ پئي ڪئي. ڪريم لڳل منهن سان تار واري کان تار ورتي، ڪيس صحيح ڏيئي، ڪاپي هٿ ۾ جهليل بيٺتي (جيڪا بي‌خيالي ۾ ساڻ ڪئي ويو هئس) واپس آئي ميز تي رکيم ۽ لفافو کوليم. تار پڙهيم. پنهنجن هٿن ۾ نهاريم، اهي ڏکيا ڪونه پئي. آرسيءَ ۾ منهن ڏٺم: ڪريم لڳل هوندي به سمجهيم ته ان تي ڪوبه تاثر ڪونه هو. هاڻ سمورو ڌيان ڇيهو ۾ لڳايم.

واچ ڏٺم ته به لڳي ١٤ منٽ ٿيا هئا: تنهن جي معنيٰ ته سنڌ ايڪسپريس ۾ اڃا منو ڪلاڪ هو.

”ڪريما!“

”جي، بابا.“

”پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي.“

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آءٌ اسٽيشن تي پهچي ويس بلڪ اسين پهچي وياسين چو ته ڪريما به مون سان گڏ هئي. ريل ۾ چڙهي ويٺاسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اسان جي اسٽيشن اچي ويئي.

سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي، ڪريما کي چيم: ”مون توکي بنهه نٿي آندو پر تون ڦاڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين، ٺيڪ؟“

”ها بابا.“

”توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟“

”هي جو چيئي پئي ’انسان ٿيءُ! انسان.‘ اهو ڪنهن کي پئي چيئه؟“

”اهو... اهو ته ماڪوڙي کي پئي چيم... هر هر اچيو هٿ تي چڙهي ۽ شيو ۾ رنڊڪ وجهي.“

پوڻ نيو پاڻس اصغر ڊوڙندو آيو ۽ اچڻ شرط چيائين:
”بابا! بابا توکي پڙايان! ڪريما اڄ ڇو ايڏي خوش آهي؟ ڇو ته سندس پياري ساهيڙي بختاور اچڻي آهي پنهنجي گهر!“

بختاور جو نالو مون ڪريما توڙي ٻين واتان گهڻو ٻڌو هو. هوءَ عورتن جي تنظيم جي برک ڪارڪنن منجهان ٿي ڳڻڻ ۾ آئي. سندس همت، اورچائي، جاکوڙ، جفاڪشي سان گڏ سندس شعور، قابليت ۽ تقرير توڙي تحرير جي ڏاڍي ساراهه ٻڌي هيم. ڪريما سندس ڪي خط مون کي پڙهايا هئا. انهن مان سندس جوش جذبي، سادگي، خلوص، نهٺائي ۽ اعليٰ اصولن ۽ آدرشن جو پتو پيو ٿي. چيائون ٿي ته ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين، ڪراچي کان ڪارونجهر تائين زالن کي سجاڳ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ پنڌ جهاڳيا اٿس. ايتري ۾ پريان ڪريما جي ماءُ اچي ڪڙڪي:
”ڏيٺين ڪي سمجهائين نٿو؟ نه پڇڻ نه آڇڻ، ماڻهن جون دعوتون ڪندي وتي. مهمان گهرايا اٿس. گهر ۾ نه آبروءَ جهڙو هنڌ ڪٿولو ۽ نه فضيلت وارو گهر، زال مڙس ايندا ته رهندا ڪٿي؟“

”بابا آءٌ ٻڌايان؟“ اصغر چوڻ لڳو: ”زال گهر ۾ رهي ۽ مڙس اوطاق ۾.“

ماڻس ڪاوڙجي چيس: ”تون ته تونڪار بند ڪر وڃان.“

( ۲ )

بهار جي رُت اچي چڪي هئي. اڱڻ ۾ گلاب ۽ موتئي جي ٻوٽن جي جوڙين ۾ گل ٽڙيا بيٺا هئا. آسمان ۾ پري پري سرڻين شيل پئي ڪيا. آءٌ ڪنهن سوچ ۾ گم هئس ته ايتري ۾ ڪريما چيو، ”بابا، هڪڙو اخباري نمائندو توهان جو انٽرويو وٺڻ آيو آهي.“

منهنجا ڪيس رُلي دربدر ٿي ويا هئا ۽ وڪالت ختم ٿي ويئي هئي. مطلب ته هرڪو هرڪنهن جي مسئلن ۽ عادتن کان واقف هو.

هڪڙيءَ بهار جي مند ۾ شام جي مهل هئي. دروازا ۽ ڪلف ڪڙا بند ٿيڻ ۾ اڃا ٻه ٽي ڪلاڪ هئا. ڏاڍي وڻندڙ ۽ خمار ڏيندڙ هوا پئي لڳي. اڱڻ ۾ موتئي ۽ گلاب جي گلن جي هٻڪار من کي آزاد فضائن لاءِ آتو پئي ڪيو. سرور جيلر به اچي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. بحث هلي هلي وڃي فلسفيائين ڳالهين، تقدير ۽ تدبير، ٿيڻي اڻ ٿيڻي، اتفاق يا قسمت جي لکئي جهڙن موضوعن تي پهتو. سرور تمام سريلو جوان هو ۽ قيدين کي به انسان سمجهڻ وارن اڻلڀ جيلرن منجهان هڪ هو. وڏي جوش خروش سان بحث ۾ حصو وٺندي چيائين: ”سائين، توهان چيو ته ڪيترين اڻ ٿيڻيون ڳالهيون رڳو ظاهري طرح اڻ ٿيڻيون هونديون آهن. توردين وڏيڪ سازگار حالتن ملڻ سان اهي ٿيڻيون ۽ ممڪن ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. مثال ڏيو؟“

چيم: ”مثال طور پاڻ هتي ست ڄڻا ويٺا آهيون. پاڻ ست ئي ڄڻا جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي اعليٰ آدرشن جي ڪري پاڻ ۾ ٻڌي ڪري پنهنجا سمورا وسيلا اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڪتب آڻڻ جو پڪو پهه ڪريون ته پاڻ هتي جيل اندر بند هوندي به ڪئين انساني زندگيون بچائي سگهون ٿا: فرض ڪريو ته هتي ڪو لاوارث قيدي آهي. هو بيگناه آهي پر ڪيس مٿس سورهن آنا ٻيهي ويو آهي ۽ گهٽو ڪري سزا کائيندو. هاڻ پاڻ هتي ويٺل ماڻهو هن جيل سارو ۽ پنهنجي پنهنجي حال سارو ويهن ئي نمهن جو زور لڳايون ته گهٽو ڪري پاڻ ڪيس بچائي وٺندا سين.“

”جي اهو قبولدار هجي ته پوءِ؟“ سرور پڇيو.

چيم: ”زوريءَ ورتل قبولداريءَ تان ڦري به سگهي ٿو. ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪورٽون به اهڙيءَ قبولداريءَ کي رد ڪري ڇڏينديون آهن.“

مون درخواست ڏني ته منهنجو اصيل چريو آهي. سيشن ڪورٽ سول سرجن ڏانهن موڪليس. ان لکي موڪليو ته سورنهن آنا سنئون آهي. سيشن جج کي هن جي ايمانداريءَ سان گهڻي ئي همدردي پر سندس هٿ ٻڌل. سزا ڏنائين — ڦاسي. هاءِ ڪورٽ جو به سزا بحال لاءِ هٿ ڇيو نه ڪري. اسپيشل طبي بورڊ ويهاريائون پر انهن به چيو ”سنئون آهي.“ لاچار انهن به ڦاسي بحال رکي ۽ همراهه ايمانداري جا ڪلما پڙهندو ڦاسي چڙهي ويو .... اهڙا ماڻهو پيا آهن. پر بنهه خاص حالتن کي ڇڏي عام حالتن ۾ قبولداريءَ تي محڪم بيهڻ ۽ ”سزا! سزا!“ ڪندڙ بي گناهه ماڻهن کي به بچائي سگهجي ٿو. بشرطيڪ ڪجهه هڏڏوڪي ماڻهو گڏجي سندس پرخلوص ۽ ڀرپور مدد ڪن ....“

ايتري ۾ سرور کي سڏ ٿيو. هو هليو ويو. بحث سندس پرپٺ هلندو رهيو.

( ٤ )

هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڪم سان ڊپٽي سپريڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺو هئس. سرور جيلر به پاسي ۾ ويٺو هو. ڊپٽيءَ کي وڏي سپريڊنٽ گهرايو. سو مٿي هليو ويو. اسين ويٺا رهياسين. ڪنهن مهل سرور ٿورڙو نمي، مون کي ڪن ۾ چيو: ”سائين، ڀلا ههڙي ماڻهوءَ کي مرڻ گهرجي يا جيئرو رهڻ گهرجي؟“ مون اوڏانهن لوڏو هنيو جيڏانهن نهاريندي هن اها ڳالهه چئي هئي. هڪڙي سنتريائيءَ سان گڏ هوءَ بيٺي هئي. ڪي گهڙيون منهنجون اکيون حيرانيءَ سان تڪينديون رهيون. اڄ ڏينهن تائين ڪوبه اهو فيصلو ڪري ڪونه سگهيو آهي ته اصل ۾ حسن ڇا مان ٻڌجي ٿو؟ حسن ڇا آهي؟ حسن جا ڪل گهڻا قسم آهن؟ گهڻيون جنسون آهن؟ حسن ڇا ۾ آهي؟ اکين ۾؟ نڪ ۾؟ هٿن پيرن ۾، يا چپن ۾؟ پيو ڪٿي ڪٿي؟ شخصيت جي مجموعي تاثر ۾؟

مون همراهن کي چيو، ”نور محمد چارليءَ جي هڪڙي فلم هئي جنهن ۾ پاڻ ۾ ٽي يار آهن. چارليءَ جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي گهنڊڻي آهي. ڪيڏانهن گهمڻ وڃن ٿا ته هڪبئي جي ڪنڌن ۾ ٻانهون وجهيو هلن. وچ ۾ چارلي، پاسي ۾ ٻيا ٻه. جتي به چارليءَ کي ڪو خيال اچي ٿو ته فلاڻيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ صلاح ڪريون ته هٿ سان ويٺو گهنڊ وڄائي ۽ زبان سان واڪو ڪريو چوي ”ميٽنگ!“ اهي آواز ٻڌيو سڀ بيهو رهن ۽ اتئين بيٺي بيٺي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳن ٿا. پاڻ وٽ گهنڊڻي ته ڪانهي پر پاڻ به هاڻ هن مسئلي تي پاڻ ۾چارلي ۽ سندس يارن وانگر ميٽنگ ڪنداسين.“

عبدالجبار جيڪا مون سان حقيقت ڪئي هئي سا مون سربستي ”ميٽنگ“ کي ٻڌائي ۽ ڪين چيو ”هاڻ سموريون معلوم ٿي سگهڻ جهڙيون حقيقتون اوهان جي اڳيان آهن. هاڻ آءٌ سوال ٿو پڇان ته ”ڇا هن ڇوڪريءَ بي واجبي قتل ڪيو آهي؟“

ڀيريائين محمد علي خان چيو: ”بلڪل بي واجبي! لعنت هجيس!“

پوءِ انور چيو: ”قتل ته ڪيو ڏي ڪونه اٿس. پنهنجو سر بچايو اٿس. پر جي واقعي قتل ڪري ها ته به جائز هو. پيءُ جو بدلو وٺڻ سندس فرض هو.“

جمال چيو: ”حق تي آهي! اسان جو ڪيس سلام آهي!“

ٻئي شاگرد ڪمال‌الدين رڳو ايترو چيو: ”بيڏوهه آهي. مٿس سلام آهي.“

وڪيل محمد اسماعيل چيو: Self Defence يعني پاڻ بچاءُ جو ڪيس ٿو ڏسجي. بظاهر ڇوڪري سچ ٿي ڳالهائي.“

مون چيو: ” آءٌ گهٽائيءَ جي راءِ سان بدل آهيان، ڇوڪريءَ کي پاڻ بچائڻ ٿوڙي بدلي وٺڻ ٻنهي قسمن جا حق هئا. هوءَ بيڏوهي آهي.“

سڀ اٿي لڳا. مون چيو: ”اڇا ميٽنگ جاري آهي. منهنجي رٿ آهي ته جي پاڻ متفق هجون ته هن بيگناهه ڇوڪريءَ جي بچاءَ لاءِ پنهنجي حال آهر ڀرپور ڪوشش ڪريون.“

محمد علي خان چيو: ”آءٌ رٿ جو مخالف آهيان. باقي سنگت جيڪو گهڻائيءَ سان فيصلو ڪندي سو مون کي منظور آهي.“

ٻين رٿ سان اتفاق ڪيو. آخر فيصلو ٿيو ته هرڪو پنهنجي وت آهر ڪجهه پئسا ڏئي.

محمد اسماعيل ڪيس جي حقيقت واري پاسي Factual Aspect جي قانوني يادداشت Brief ٺاهي. آءٌ قانوني پاسي Legal Aspect جي Brief ٺاهيان، ۽ محمد اسماعيل سان گڏجي پنهنجي دوست مسٽر فيض محمد وڪيل کي خط لکان ته هيءُ ڪيس کڻي ۽ هلائي، جوابدارڻ آزاد ڪرائي. خط کڻي وڃڻ لاءِ ماڻهو محمد علي خان جو وڃي.

محمد علي خان پنج سو ڏنا، مون ۽ محمد اسماعيل ٻه ٻه سئو ڏنا، شاگردن پنجاهه پنجاهه رپيا ڏنا. ڪل ٿيا ١٠٥٠ رپيا. ان مان پنجاهه رپيا محمد علي خان جي ماڻهو کي ڀاڙي جا ڏيئي هزار رپين ۽ خط سان ڪيس مسٽر فيض محمد وڪيل ڏانهن موڪليوسون. ڪيس لکيوسون:

پيارا مسٽر فيض محمد،

انسان دوستيءَ جي جذبي وچان اسان هن ڪيس ۾ هٿ وڌا آهن، توهان جي آسري. اوهان هي اسان جو ڇڻ ذاتي ڪم ڪري سمجهندا ۽ ان ۾ ايتريقدر دلچسپي وٺندا. في اسين ڏيئي نٿا سگهون. هيءَ ٿورڙي رقم فقط ڀاڙي ڀتي لاءِ موڪليون ٿا. ڪيس هلڻ وارو هوندو. وڪالتنامو جلد ڏياري موڪليو. پاڻ کي خبر آهي ته عدالت قانون موجب رڳو شاهدي جي ٻاهرين روپ Form کي ڪاڻ ڏسندي آهي پر تهه ۾ وڃي ان جي اصليت Content کي ڏسندي ۽ ٻنهي ۾ ٽڪر جي حالت ۾ حقيقي اصليت کي ٻاهرين ڏيک تي فوقيت ڏيندي.

ايتري ۾ چپ وري چڙيا. ڪريما نيوڙي سندس ڳالهه ٻڌي ٺهڪ ڏيئي چيو: ”بابا خبر اٿئي ڇا ٿئي چوي؟ هنئن چماٽ هڻائيين! ڇري ڇٽي تي ايڏي تڪليف ڇو ڪئيو؟“

اسين ان ڏينهن موٽي گهر آياسين ۽ ٻئي هفتي موٽي وياسين ۽ هر هفتي ايندا رهياسين. ان وچ ۾ سندس ٻار، سندس ماءُ ڀيڻ، پاڻ، پيٺ ٻه اچي ويا هئا. سندن تنظيم جون ڪئين ساٿياڻيون ٻه ڀائرن يا مڙسن يا لتي ٻئي وڏين ماين سان گڏجي اسپتال ۾ ٿي آيون ويون. هرڪنهن وس آهر سندس هٿ تي ڪجهه نه ڪجهه رکيو. ڪي ٻيدا، ڪي گيهه مکڻ ڪٺي آيون. اسپتال ۾ سڀ کيس ڀاڳڀريءَ جي نالي سان سڏڻ لڳيون. ڪريما کين سمجهايو هو ته اهو نالو مٽس ساهرن رکيو هو.

ٻن مهينن کان پوءِ هوءَ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويئي. ڏينهن ٻن ۾ سندس اسپتال مان موڪل ٿيڻي هئي. ڪانئس موڪلائڻ مهل مون کيس آهستي چيو: ”ڀاڳڀري! ڇئو هن ڀيري ماڻهو پاڻ کي ملهه ماري ويا!“ کيس ڇرڻ ڪنهن وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو.

”ڇو بابا؟“

سسٹس چيو: ”ادا تن الله مارين کي ڏيئڙيءَ جي بندوق جي فيرن سان ڪرندي ته مون پنهنجين هنن گنهگار اکين سان ڏٺو وڏيڪ جي پاڻ کي خبر ڪانهي.“

مون چيو: ”ڀاڳڀري! تون واقعي بختاور آهين! هن نئين دور جي بختاور.“